SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ آرڊيننس نمبر XIV مجريہ 1984

# SINDH ORDINANCE NO.XIV OF 1984

# سنڌ سول سرونٽس ويلفيئر فنڊ (ترميم) آرڊيننس، 1984

# THE SINDH CIVIL SERVANTS WELFARE FUND (AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 1979 جي سنڌ آرڊيننس VIII جي دفعہ 1 جي ترميم

Amendment of Section 1 of Sindh Ordinance VIII of 1979

3. 1979 جي سنڌ آرڊيننس VIII جي دفعہ 2 جي ترميم

Amendment of Section 2 of Sindh Ordinance VIII of 1979

4. 1979 جي سنڌ آرڊيننس VIII جي دفعہ 3 جي ترميم

Amendment of Section 3 of Sindh Ordinance VIII of 1979

5. 1979 جي سنڌ آرڊيننس VIII جي شيڊول جي ترميم

Amendment of the Schedule to Sindh Ordinance VIII of 1979

# سنڌ آرڊيننس نمبر XIV مجريه 1984

# SINDH ORDINANCE NO.XIV OF 1984

## سنڌ سول سرونٽس ويلفيئر فنڊ (ترميم) آرڊيننس، 1984

## THE SINDH CIVIL SERVANTS WELFARE FUND (AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

[17 سيپٽمبر 1984]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ سول سرونٽس ويلفيئر فنڊ آرڊيننس، 1979 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

| | |
|---|---|
| تمهيد (Preamble) | جيئن ته سنڌ سول سرونٽس ويلفيئر فنڊ آرڊيننس، 1979 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛ |
| | هاڻي تنهن ڪري، پنجين جولاءِ 1977 جي اعلان ۽ پرووزنل ڪنسٽيٽيوشن آرڊر، 1981 جي روشني ۾ سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي. |
| مختصر عنوان ۽ شروعات<br>Short title and commencement | 1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ سول سرونٽس ويلفيئر فنڊ (ترميم) آرڊيننس، 1984 سڏيو ويندو.<br>(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو ۽ پهرين جولاءِ 1983 کان لاڳو سمجهيو ويندو. |
| 1979 جي سنڌ | 2. سول سرونٽس ويلفيئر فنڊ آرڊيننس، 1979 ۾، جنهن |

کي هن کانپوءِ بہ چاڻايل آرڊيننس سڏيو ويندو. ان جي دفعہ 1 جي ذيلي دفعہ (3) ۾، لفظن "گريڊ يا" کي ختم ڪيو ويندو.

آرڊيننس VIII جي دفعہ 1 جي ترميم

Amendment of Section 1 of Sindh Ordinance VIII of 1979

1979 جي سنڌ آرڊيننس VIII جي دفعہ 2 جي ترميم

Amendment of Section 2 of Sindh Ordinance VIII of 1979

3. چاڻايل آرڊيننس جي دفعہ 2 ۾:

(i) شق (a) لاءِ هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:

"(a) "بنيادي اسڪيل" مطلب حڪومت طرفان منظور ڪيل ادائگي جو بنيادي اسڪيل جنهن ۾ عهدا يا عهدن جو گروپ رکيو ويو آهي؛

(aa) "سول سرونٽ" مطلب هڪ سول سرونٽ جيئن سنڌ سول سرونٽس ايڪٽ، 1973 ۾ بيان ڪيو ويو آهي؛".

(ii) شق (e) کي ختم ڪيو ويندو.

1979 جي سنڌ آرڊيننس VIII جي دفعہ 3 جي ترميم

Amendment of Section 3 of Sindh Ordinance VIII

4. چاڻايل آرڊيننس جي دفعہ 3 ۾، لفظ "گريڊ" جتي بہ اچي، لفظن "بنيادي اسڪيل" سان متبادل بڻايو ويندو.

of 1979

1979 جي سنڌ آرڊيننس VIII جي شيڊول جي ترميم

Amendment of the Schedule to Sindh Ordinance VIII of 1979

5. ڄاڻايل آرڊيننس جي شيڊول ۾:

(a) لفظ "گريڊ" جتي به اچي، لفظن "بنيادي اسڪيل" سان متبادل بڻايو ويندو؛ ۽

(b) لفظ "گريڊس" جتي به اچي لفظن "بنيادي اسڪيلز" سان متبادل بڻايو ويندو.

**نوٽ:۔ آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**